گرم هوائن ۾ ٿنڊڪ

(چيٽي چنڊ، سنڌيت ڏينهن جي موقعي تي،
فيلسوفيءَ ۽ آتمڪ ويچارن جو امرت واٽي نذرانو)



ليکڪ :

ڪشن سي. سيتلاڻي (وڪيل)

D-93، سيٽيلائيٽ سينٽر، وستراپور، احمدآباد-380015.

فون : 26751371

گرم هوائن ۾ ٺنڍڪ

Garam Hawain Main Thandak

Volume of Soulful Articles
on the eve of Cheti Chand Annual day

Written by :

KISHIN SITLANI (Advocate)

D-93, Satellite Centre, Vastrapur,
Ahmedabad-380015.
Ph. : 26751371

Compose and Printer :

Scan Computers

3, Radhyshyam Complex, Patia, Naroda Road,
Ahmedabad-382340.
Ph. : 22806776 Fax : 22823788
M. 31007002

22 March 2004

Price : Your Blessigs

Writer's Rights Reserved

ليکڪ جا حق واسطا قائم

آسمان واري جي اُستتيءَ ۾

بقلم : ڪشن سيتلاڻي، وڪيل، احمدآباد

١- ڳڇ ڳوڙها ڳاريم دلدار منهنجا،
گهر گهر توکي ڳولهيم پيار منهنجا،
تو لاءِ هنجون هاريم يار منهنجا،
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

٢- آسمان ڌرتيءَ درميان سڀ ڏٺم،
سورج ۽ تارن درميان سڀ ڏٺم،
غفائن ۽ پهاڙن درميان سڀ ڏٺم،
مگر مونکي نہ ملئين، سرڪار منهنجا،
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

٣- هر پل هر گهڙي صرف تو لاءِ تڙڦيس،
گهر گهر گلي صرف تو لاءِ ڦٿڪيس،
سردين ۽ گرمين ۾ صرف تو لاءِ جَليسُ،
مگر مونکي نہ ملئين، شاندار منهنجا،
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

٤- ڪٿائن، ڪيرتن، عبادتن ۾ حاضر ٿيس،
مندر مسجد گردوارن ۾ حاضر ٿيس،
باغن ۽ بيابانن ۾ حاضر ٿيس،
نہ ملئين مونکي مگر، سرجڻهار منهنجا،
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

٥- آخر هڪ ڏينهن اندر جي آئيني ۾ ڏٺم،
پاڻ ۾ توکي خود دل جي ڪوني ۾ ڏٺم،
تنهنجو ساڪيات سروپ پنهنجي سيني ۾ ڏٺم،
هاڻ ڪڏهن نہ چوندس، ڏاتار منهنجا،
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

ليکڪ جي قلم مان ٻه اکر :-

هي منهنجو تازو ننڍو نذرانو 'گرم هوائن ۾ ٺنڍڪ' هن سال ٢٠٠٤
ي منهنجي پهرين پيش ڪش توهانجي نظر-

توهان پڇندا، گرم هوائن ۾ تپش ٿيندي آهي مگر هيءَ ٺنڍڪ
ري ڪيئن؟ جواب آهي ته هيءَ جيون جي طنزي حقيقت آهي-
انڌيءَ ۾ به روشنيءَ جي چمڪ ملندي آهي-ڪنڊن ۾ به گلن جي
هڪ ملندي آهي-دک ۾ به سُک جي جهلڪ ملندي آهي-اهڙيءَ
طرح اسانجي زندگي به گرم هوائن وانگر خوب ڪشمڪش ۽ جدوجهد
وانگر گرم پڻ آهي ته ٺنڍڪ وانگر نرم به آهي.

مگر انسان جي زندگي ٻن رنگن جي تصوير آهي جنهن ۾ توهان
محسوس ڪندا ته اُنهن رنگن ۾ غم ۾ خوشي لڪل آهي. سک جي
تلاش ۾ اسين مالڪ جي ملڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. دراصل اُهو مالڪ
سانجي من ۾، اسانجي اندر ۾ براجمان آهي.

اهڙن ئي خيالن جي اوٽ ۾ لکيل آهي هي منهنجو روحاني ۽
آتمڪ ويچارن جو فيلسوفي نذرانو- هن نئين انداز سان لکيل امرت
واڻي ليکن جو هي مجموئو اُميد ته توهانکي پسند پوندو ۽ توهانکي
آتمڪ ۽ روحاني ۽ نوراني آنند پراپت ٿيندو ۽ توهان ڏسندا زندگيءَ
ڪي زندگيءَ ۾- هيءَ منهنجي ڪوشش چيٽي چنڊ جي پويتر موقعي
ني، جهوليلال جي آسيس سان، هيءَ منهنجي نماڻي مفت ڀيٽ آهي-

مان شري نريش آهوجا سهه سمپادڪ 'سنڌي احوال''، احمدآباد
جو بيحد شڪرگذار آهيان جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڏيئي هن
ڪتاب جو پروف پڙهي، ٻوليءَ کي منو ۽ مائيدار بڻائي، ڪتاب
سينگارڻ ۾ خوب مدد ڪئي آهي. آڀار.

- ڪشن سينلاڻي، وڪيل

گرم هوائن ۾ ٺنڍڪ

امرت واڻي ليکن جو سلسلو

اندر جا اُڏما

قدرت کي اگر باريڪيءَ سان ڏسنداسين، نزديڪيءَ سان جاچينداسين تہ اسانکي قدرت جي ڪرشمن جي هڪ انوکي رنگارنگ تصوير ڏسڻ ۾ ايندي-

اچو تہ پهرين آڪاش طرف نظر ڦيڙايون- آسمان جا پن پن نظارا من کي ڪيڏو نہ سڪُون ڪيڏو نہ آنند پهچائين ٿا.

ڏسو آسمان جي اوچائيءَ کي! وايو منڊل جي گهرائيءَ کي! سورج ستارن جي چلوِلائي ڏسو- چنڊ جي گولائي ڏسو-بادلن جي برکا ڏسو- طوفان جو جلوو ڏسو- مؤسم جو مزو ماڻيو!

آسمان کان هيٺ اچو- زمين کان ٿورو مٿي اچي پهاڙن جي لنبائي ڏسو-جبلن جي انگڙائي ڏسو - جبلن جون غفائون ڏسو- غفائن ۾ اندر مورتيون ڏسو-مورتين ۾ پرميشور جو درشن ڪريو- ساٿ ساٿ جبلن ۾ وهندر جهرڻن کي ڏسو- آبشار جو شور ٻڌو-پهاڙن مان وهندر پاڻيءَ کي ڏسو- پاڻيءَ کان نڪرندڙ ندين جو نظارو ڏسو- ندين جي لنبائي ڏسو- زمين تي هر طرف جدا جدا نالن جي اوٽ ۾ ندين جو ڦهلاءُ ڏسو-

مگر قدرت جي اِنهن دلفريب دُرشين سان گڏو گڏ ڏسو قدرت جو قهر-زمين جو زلزلو- ڀينڪر برسات ۽ تيز طوفان جي طاقت ڏسو- پل ڇن ۾ ٿئي ٿو سڀ اُلٽو پُلٽو-

سمنڊن ۽ ندين جي زوردار لهرن کي ڏسو- لهرن جي چترائيءَ کي ڏسو- اهوئي جَل ڪڏهن جيون جو جياپو آهي تہ اهوئي جَل ڪڏهن

ليکک کشن سيتلاڻي، وڪيل

جا لکيل ڪتاب

(١) 'چنڊ ۾ داغ'- ناول (١٩٧٣)

(٢) 'ڀرين سنڌ ۾ ھاڻ ھند ۾'- جذباتي پريم ڪھاڻين جو مجموعو (١٩٩٨)

(٣) 'رنگولي'- ڪھاڻين، ڪويتائن جو گوناگون مجموعو (١٩٩٨)

(٤) 'ڏاڍي ۾ انيڪ موتي' - آتمڪ روحاني ويچارن جو امرت واڻي مجموعو (١٩٩٩)

(٥) 'سنڌ جي سڳنڌ- پريم جو پنڌ'- ناول ھندستان جي ورھاڱي کان اڳ سنڌ جي ماحول ۾ لکيل ھڪ رھسيہ پري نازڪ پريم ڪٿا (١٩٩٩)

(٦) 'فوجداري ڪيسن جي فائيل مان' (٢٠٠٠)

(٧) 'ساگر جون لھرون' - جذباتي ڪھاڻين جو گلدستو (٢٠٠٠) (ھن مجموعي کي گجرات سنڌي ساھتيہ اڪادمي (گجرات سرڪار) طرفان سال ٢٠٠٠ جو ٻيون نمبر بھترين ڪتاب جو لقب ٢٠٠٠ رپين جو انعام ليکڪ کي مليو.)

(٨) 'آواز بنا ساز' - ناول (٢٠٠١)

(٩) 'ڪُلن ۾ ڪنڊن جي چُڀن' - سچين گھٽنائن حقيقت جي آڌار تي ھڪ گلدستو (٢٠٠٠)

(١٠) 'وکرن واري ڪڙھي' - ھڪ ساھتيڪ سوادي خوراڪ (٢٠٠٢)

(١١) 'ھوءَ؟' - (نازڪ رشتن ۾ جڪڙيل ھڪ عورت جو رھسيہ پريو داستان(٢٠٠٢)

(١٢) 'پريم اپرم پار' - شاھ عبداللطيف شاعر جي سٽن سورمين جون انمول لوڪ ڪھاڻيون- نئين انداز ۾ (٢٠٠٢)

(١٣) 'مذاق جي جذبات'- ٽن ٻولين ۾ موج مستيءَ جو ننڍو نذرانو (٢٠٠٣)

(١٤) 'ڪُليل اکين جا سپنا' - جذباتي ڪھاڻين جو گوناگون گلدستو (٢٠٠٣)

ءَ ''ھاڻي گرم ھوائن ۾ ننڍڪ'' (٢٠٠٤)

ڪلپنائن جو سنسار

من آهي درپن سمان - ڪلپائن جو جهان - من جي درپن ۾ ڏسون ٿا عڪس عاشق جي بيوفائيءَ جو - معشوق جي انگڙائيءَ جو - محبت جي البيلائيءَ جو - اِهو عڪس آهي زندگيءَ جي لڙائيءَ جو - اِنسان جي جفائيءَ جو، وفائيءَ جو - بيوفائيءَ جو -

اِهو عڪس ڏسون ٿا هڪ دُلهن جي ملن جو! هڪ دُلهن جي جدائيءَ جو - اِهو عڪس ڏسون ٿا اِنسان جي بيوسيءَ جو - اِنسان جي بيڪسيءَ جو!

بند اکين سان تہ خواب ڏسجي ٿو مگر کلين اکين سان ڪنهن سپنو ڏٺو آهي - بند اکين سان ڪنهن آئينو ڏٺو آهي؟ زندگيءَ جي هيءَ کهڙي طنزي حقيقت؟ اِنسان جو من تہ آهي ڪلپنائن جو سنسار! تمنائن جو اِسرار! خيالن جو اِظهار -

ڪلپنائن جي سنسار ۾ جو رهي ٿو اُهو خيالن جي گهرائي ڏسي ٿو ساگر جهڙي! ڪلپنائن جي طنز ڏسو تہ توهانکي نظر ايندو جوانيءَ ۾ ٻچپنو - ڏينهن ۾ سپنو - سپنو آهي من جي ويچارن جي چار - آشائن ۽ ترشنائن جي چار!

ڪلپنائن جي هڪ عجيب طنز ڏسو تہ ڪو ننڊ بنا بہ خواب ڏسي ٿو ۽ ڪو ڪنڊن بنان گلاب ڏسي ٿو - باغ بہ ڪڏهن گلن بنان مهڪي ٿو ڪرڻ بنان بہ سورج چمڪي ٿو.

ڪٿي پرن بنان بہ پکي اُڏي ٿو تہ پنن يا پتن بنان وڻ لڏي ٿو تہ ڪو پاڻيءَ بنا بہ ٻڏي ٿو.

ڪٿي بارات آهي تہ دُلهن ناهي ڪٿي رات آهي تہ ڏينهن ناهي - ڪٿي شمع آهي تہ پروانو ناهي، ڪٿي ساز آهي تہ ترانو ناهي!!!

تہ اهو آهي طنزي ڪلپنائن جو جهان - هڪ فيلسوفي گيان!

جيون کي دشوار ٿوڪري ۽ اِنسان هڪ عجيب منجهدار ۾ غوطا
کائي.

اِنسان جو ذڪر ٿيو آهي تہ اِنسان جي فطرت کي ڏسو. اِنسا
جي جذبات کي ڏسو اِنسان جي محبت کي ڏسو. اِنسان جي نفرت ک
ڏسو. اِنسان جي فطرت ۽ جذبات جو هي ڪهڙو سلسلو، جو ڪنهنج
خوشنما قسمت کي ڏسي جلي ٿو ۽ ڪنهنجي اکين جي آنسن ک
ڏسي کو کِلي ٿو. ڪنهن جي خوشيءَ کي ڏسي کو ڏُکي ٿو ٿئي
ڪنهنجي غم کي ڏسي کو سُکي ٿو ٿئي.

سچ پچ اِنسان جو هي ڪهڙو گهر گهلو سلسلو!

اِنسان جي فطرت ڏسي اِنسان جي جذبات ڏسو. اُنجي ڪرام
ڏسو. جذبات آهي تہ محبت آهي. محبت آهي تہ ترق آهي
ترق آهي تہ آنسون آهن. اکين جي آنسن جو قسم، هي ڪهڙ
آهي گناهن جو زخم! هي ڪهڙو حسرتن جو جهنم! جڏهن جگر جل
ٿو تہ اکيون وهن ٿيون. جڏهن اکيون وهن ٿيون تہ من ترقي ٿو
جڏهن من ترقي ٿو تہ حسرتن جي آگ پيدا ٿي ٿئي. حسرت
جي آگ ۾ عاشق جلندو رهي ٿو جيئن شمع جي آگ ۾ پروا
جلندو رهي ٿو. بس قدرت ۽ فطرت جو اِهو ئي آهي بيان. اِهوئ
آهي فيلسوُفي گيان!!

* * *

اسين سيبئي سک جي ڳولها ڪريون ٿا- در در تلاش ڪريون ٿا مگر جڏهن سُک نٿو ملي اُلٽو دک ٿو ملي تہ اسين حيران ٿا ٿيون، پريشان ٿا ٿيون. سک کي پدارٿ ٿا سمجھون دُک کي زهر ٿا سمجھون. اِها سمجھہ، اِهو انومان اسانجو بلڪل غلط آهي. سچو سک پدارٿن ۾ نہ آهي- سچو سک تہ آهي پريوءَ کي پائڻ ۾. تڪليف ۾، دک ۾ توهين زار زار رُئو ٿا- ڳوڙها ڳاريو ٿا مگر پريو پريتم جي در آنسون وهايو- ايشور جو در کڙڪايو، پريتم جي در پڪاريو تڏهن توهانکي اُتئي سک جو سامان ملندو ۽ دک ۽ پيڙا جو نالو نشان نہ رهندو.

آزمائي ڏسو هي فيلسوُفي سچو گيان!

* * *

خاص خبر

احمدآباد جي هفتيوار اخبار ’سنڌي احوال‘ ۾ ليکڪ ڪشن سيتلاڻي وڪيل جي قلم مان قانوني دلچسپي ڪيسن جي هفتيوار سيريز

”يوئر آنر“

اُميد تہ توهان کي هي نئين انداز جي سيريز بيحد پسند پوندي. اخبار گهرائي پڙهو ۽ پنهنجو رايو ضرور موڪليو.

آتما سان روح رهاڻ

سچو روحاني ڌن آهي پنهنجو آتمڪ من- پنهنجي من کي سچي
پريم سان پريو تہ اُهو ئي من توهان جو ٿيندو اصلي ڌن-

سوال آهي تہ اِن ڌن جو، اِن خزاني جو، اِن دولت جو اُپيوگ
ڪيئن ڪريون؟ جواب ملندو تہ هر اِنسان کي محبت جي نفت نگا
سان ڏسو نفرت کي ناس ڪريو-پريم کي پوکيو، هر حال ۾ پيا
ونڊيو-

سنسار ۾ رهين ٿو، پر پاڻ کي جاچين ٿو تہ تون ڪهڙي نموني
رهين ٿو؟ ڇا تون ڪنهن وقت بہ ڪڏهن نمرتا ۽ ڌيرج سان هلي
آهين؟ ڪنهن وقت ڪنهن سان پيار ورهايو اٿيئي؟ ڪنهن کي نفرت
سان تہ نہ ڏٺو اٿيئي ؟ ڪڏهن ايمان ارمان تہ نہ ڪيو اٿيئي؟ ڪنهن
ڏک يا پيڙا جو سامنو ڪيو اٿيئي؟

پاڻ کان هڪ سوال بيو بہ پُڇ- توکي محل کپي؟ توکي بنگلو يا وڏ
مڪان کپي؟ پر ڪهڙو؟ سيمينٽ، گچ، مٽي ۽ سِرُنُ، ٽائلس جو محل
پلي وٺ-مگر جڏهن طوفان پرسات ۽ ڌرتي ڪنپ ۾ اهو محل اچي
مٽيءَ ۾ پوندو تڏهن ڇا ڪندين؟ توکي سمجهہ ۾ نٿو اچي- پر ڌيان
سان ٻڌ: اگر محل کپيئي جو ڪڏهن نہ ڪري، ڪڏهن مٽيءَ ۾ ناس
نہ ٿئي تہ اُهو محل بناءِ پنهنجي اندر ۾- بناءِ اُتي جتي تنهنجي
امر آتما ويٺي آهي-جتي تنهنجو مالڪ مهربان هميشہ براجمان
آهي اُهوئي تنهنجو اصلي محل آهي اصلي مڪان آهي-

”بناءِ پنهنجي من ۾ اهڙو سُندر محل
جو ڪڏهن بہ پٽ نہ پوي ڪيڏي بہ مهل“

ڏسندا رهو زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي! اِنسان جي اخلاق ۾ گراوٽ
سون ٿا تہ ڪنهن جي دل ۾ سچي چاهت بہ ڏسون ٿا. ڪنهن گهر ۾
نهن جي بارات ڏسون ٿا تہ ڪنهن گهر ۾ ماتم جي رات ڏسون ٿا.
ڪٿي بهار ڏسون ٿا تہ ڪٿي پتجهڙ ڏسون ٿا.ڪٿي ڪارن بادلن ۾
وشنيءَ جي چمڪ ڏسون ٿا تہ ڪٿي مرجهايل مکڙين ۾ مهڪ ڏسون
.

زندگيءَ جون دِشائون آهن بي حساب! جيون جي گهٽنائن جو نہ
ساب نہ ڪتاب. ڪو روئي ٿو رُسي ٿو. ڪو کلي ٿو پرچي ٿو.
ندگيءَ جي هر موڙ تي، هر چوراهي تي هرڪو پنهنجي آشياني تي
هچي ٿو. ڪو سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ غوطا کائي ٿو تہ ڪو آسمان جي
وچائيءَ تي پهچي ٿو.

ڪٿي شمع آهي تہ پروانو ناهي، ڪٿي بوتل آهي تہ پيمانو ناهي.
ڪٿي محفل آهي تہ شاميانو ناهي. ڪٿي احساس آهي تہ جذبات
اهي، ڪٿي پريات آهي تہ روشني ناهي. خوب ڏسندا رهو زندگيءَ
ي- زندگيءَ جي چترائيءَ کي، زندگيءَ جي چالاڪيءَ کي-
ندگيءَ جي سفر ۾، بيابان ۾ نظارا ٿا ڏسون. ريتيءَ ۾ پاڻيءَ جا
وهارا ٿا ڏسون- ڪٿي دلهن جي بارات ۾ حشر ٿا ڏسون تہ ڪٿي
ورت جي جذبات ۾ قهر ٿا ڏسون.

مطلب تہ زهر بہ ملي ٿو تہ امرت پڻ هن جيون ۾! نظريو هر
ڪنهن جو پنهنجو هن جيون ۾! زخم ڪندو آهي تہ مرهم بہ ملندو
ن جيون ۾!

ها، جيون آهي تہ موت يقيني آهي. مگر زندگيءَ موت درميان
ندگيءَ جو اوکو سفر- سفر ضرور سُهانو ٿيندو، صرف زندگيءَ کي
سڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي...!!!

* * *

زندگيءَ سان ملاقات

اڄ زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي ڏٺو ڏسان، تہ سنسار ۾ ڏسان ٿو مهنديءَ جو هلڪو رنگ، شاديءَ جو ڦڪو ڍنگ! ڏُلهن جي چهري تي هڪ گهبراهٽ ڏسان ٿو-اِنسان جي من ۾ ڪرواهٽ ڏسان ٿو- انڌيري ۾ هڪ آهٽ ڏسان ٿو- فضا ۾ سنسناهٽ ڏسان ٿو-

فضا جو ذڪر ٿيو آهي تہ ڏسان ٿو سرد هوائن ۾ اڄ ننڍڪ ناهي، رنگين گلن ۾ اڄ مهڪ ناهي-چانڊني رات ۾ انڌيرو ٿو ڏسان، ڪاري رات ۾ سويرو ٿو ڏسان -دونهين بنا باھ کي ٻرندو ٿو ڏسان، پتنگن بنا شمع کي جلندو ٿو ڏسان-

آسمان جي فضا ۾ نظارا نٿو ڏسان رات جي تاريڪيءَ ۾ ستارا نٿو ڏسان.

سوچيان ٿو تہ زندگيءَ جي هيءَ ڪهڙي ڊُرنگي تصوير! هيءَ ڪهڙي طنزي تقدير! ڪٿي يارن جي ياريءَ ۾ جهيڙو ڏسان ٿو- وقت جي رفتار ۾ بکيڙو ڏسان ٿو.

سائُي وقت گهاٽن جهنگلن ۾ بسيرو ڏسان ٿو. غمگين چهري تي خوشيءَ جو چهرو ڏسان ٿو. ڪنهن کي ڪنهن جي درد جو احساس ڏسان ٿو. جيون جي ڪڙواهٽ ۾ ڪجهہ مٺاس ڏسان ٿو.

ڪنهن کي ڪنهن حاصلات لاءِ آس ڏسان ٿو. ڪنهن جي دل ۾ ڪنهن لاءِ پيار جي پياس ڏسان ٿو. ڪٿي خالي پنن تي لکاوٽ ڏسان ٿو تہ ڪٿي خالي مڪانن ۾ سجاوٽ ڏسان ٿو. ڪٿي خالي نگاهن ۾ مسڪراهٽ ڏسان ٿو.

وِهو مَ لاهي آسرو اللهہ تان.''
اي منهنجا پرين، منهنجا مالڪ، مينهن ۽ نينهن ٻئي ساڳئي مطلب وارا لفظ آهن. اي پرين تون اِن بارش جي ذريعي اچڻ جي تياري ڪرين تہ مان جيڪر بادل ٿي بيهان ۽ اکين ۾ آب آڻيان تنهنجي آمد (اچڻ) جي خوشيءَ ۾.
شاهہ صاحب سُر سارنگہ ۾ وري ٿو چئي :
''مينهان نينهان، ٻئي اکر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري تہ ڪڪر ڪن ڪينهان (ڪيڪوُن - دانهون)
بادل ٿي بيهان، جي اَگم (تياري) اچڻ جا ڪرين.
ملهار جي مند آئي آهي - برسات جي روپ ۾ منهنجي محبوب مالڪ مينهن جي روُپ ۾ ديدار ڏنو آهي. درشن ڪرايو آهي. اي جانب منهنجي من جي جهوپڙيءَ ۾ اچ - اي سڀُورا اچي منهنجي مدد ڪر.
سُر ملهار ۾ شاهہ صاحب وري هڪ هنڌ چئي ٿو :
''آئي مُند ملهار آئون ڪهنبا ڪنديس ڪپڙا
وسڻ جا ويس ڪيا اج منهنجي يار
راز (گهنڊ) لائيندي وچرا پنرس پنيا وار (ڪارا وار)،
پڪي آءُ پرين تون، لهہ منهنجي سيد سار.''
خدا جي بندگي چئو يا ايشور جي آراڌنا چئو، شاهہ صاحب جي اڪيچار آتمڪ خيالن ۾ پريوُ جي پرارٿنا جا ڪئين مثال ڏسون ٿا. اگر سيئي اُهي مثال ڏجن تہ پستڪ پرجي پوي. ليڪن هتي مختصر ليکہ ۾ صرف شاهہ صاحب جي ڪجهہ چوند سُرن مان صرف مختصر خيال ڏجن ٿا. شاهہ صاحب چئي ٿو :
''ساري رات صبحان جاڳي جن ياد ڪيو
اُن جي عبداللطيف چئي، مِٽيءَ لڏو مانُ
ڪوڙين ڪن سلام اڳهہ اچيو اُنجي.''
جي ساري رات پنهنجي مالڪ کي ياد ٿا ڪن اُنهن کي مِٽيءَ کان

روحاني راحت

(شاهه عبداللطيف، شاهه صاحب جي سُرن مان ڪجهه آتمڪ سنيها)

اي ڪانگل پکي! دور آڪاش ۾ اُڏندو تو وجين، هوائن جي آنچل ۾ اُڏامندي پرديس تو پهچين. توکي خبر آهي ڪانگل، پرديس ۾ منهنجو پرين پريوُ براجمان اٿيئي. ڪيس منهنجا سلام ۽ نياز ڏج. منهنجي سهڻي ساجن کي منهنجو منُ آوازن سان سنديشو سڻائج.

منهنجا ساجن تنهنجي ياد ۾ هردم هر لمحي هنجون پيو هاريان. ڳوڙها پيو ڳاريان. پريتم ڪڏهن منهنجي دل ۾ واسو ڪندين؟

شاهه صاحب سُر پورب ۾ چئي ڏنو :

''ڪري ڪانگ ڪُرشون (سلام) پيرين پريئن پئج
آءُ جو ڏيانئي سنيهو، وج مَ وساريج
اللهه لڳِ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائج،
چئان تيئن چئج ته کيانتا (اي ڪانگل) خوش هئين.''

برسات جي آمد

بادل اچي ويا آهن- وڏڦڙو مينهن وسي ٿو، زمين تي ساوڪ اچي ويئي آهي- هارين پنهنجا هر سنڀاليا آهن-اُٿو زمين کي سائو ڪريو- مينهن وسندي مالڪ جي مهر ٿي آهي- اُن جو آسرو نه لاهيو.

شاهه صاحب سُر سارنگ ۾ چئي ٿو :

''آ گميو (جُهر) آهي، جڳهه پس لطيف ٿئي
وٺو مينهن وڏڦڙو، ڪدو ڏڻ ڪاهي،
ڇُن (هيناهين) زمين ڇڏي پَٽ پئو سر (سانئان) سانباهي

ٽن لفظن جو لباس

ٽي لفظ، ساڳي طرز، ساڳيو ڍنگ، ساڳيو رنگ!!

اِهي ٽي لفظ کولين ٿا هڪ راز- زندگيءَ کي کن ٿا بي راز! ها اُهي ٽي لفظ!

(١) راڳي، ويراڳي، تياڳي (٢) دعا، ديا ، حيا (٣) منهن تي مهڪ، چپن تي مشڪ، اکين ۾ لڙڪ (۴) داسي، پياسي، سنياسي (۵) جيون، جنم، جسم (٦) عقل، علم، قلم (٧) گياني، ڌياني، جواني (٨) تقدير، تدبير، تصوير (٨) نزاڪت، شرافت، لياقت (١٠) تن، من، ڌن.

اچو تہ اِنهن ٽن لفظن جو لباس کولي ڏسون تہ اسان کي ڇا ٿو نظر اچي ۽ جو ڏسون ٿا اُن جو صحيح ارٿ سمجهي، زندگيءَ کي نزديڪيءَ سان ڏسون.

(١) راڳي، ويراڳي، تياڳي : اِنهن ٽنهي ڏنو آهي گيان. جيون جي سچائيءَ جو، ويراڳ جو مطلب تياڳ جو انداز.

راڳي زندگيءَ جو گيت ڳائي ٿو تہ جيون قدرت جي هڪ بي بها نعمت آهي ۽ اِن نعمت جو سچائيءَ سان اِستعمال ڪريو. ويراڳي قربانيءَ جو حقيقي ارٿ ٻڌائي ٿو. دنيا کان ويراڳ وٺو مگر دنيا ۾ بيشڪ رهو. صرف دنيا ۾ رهي دنيا جي پنجن وڪارن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کان دور رهو ۽ اِهو تيندو سچو ويراڳ. ۽ تياڳي ٻڌائي ٿو تہ سنسار ۾ رهي سنسار کي تياڳ ڪريو. سنسار ۾ آيا آهيو تہ سنسار ۾ رهڻ جو توهان کي حق آهي مگر سنسار ۾ رهي وڪارن کان دور رهو.

وٽي مشڪ ناٿين سيٽي اچي سلام ڪندا.

”ڪوڙين ڪاياٿون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جي سين، درسن ڏارون ڏار
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪيئن چٽان.“

اي منهنجا مالڪ تون ڪروڙن لکن هزارن روپن ۾ درشن ڏين ٿو. اي پريتم تنهنجي ساراهه ڪيتري ڪندي ڪيتري ڪريان.

شاهه صاحب جي انيڪ سُرن جي ڪلامن مان اسان کي ڪيترا انيڪ سچا سخن سچا سنيها ملن ٿا.

اِنسان لاءِ هڪ خاص سنديشو آهي ته اِنسان سدا نماڻو ٿي هلي ۽ پنهنجي وويڪ يا اندر جي آواز تي هلي. مغرور اِنسان کان هميشهه پاسو ڪجي. چو ته اُن مان اخلاق کي نقصان پهچندو.

هميشهه ڪميا ڏيکاريو. ڪِمندن هميشهه کٽيو آهي. ڪرم ڪر، همت نه هار. دلير ۽ بهادر ٿي. مشڪلاتن کي منهن ڏيئي هلندو هل ڪڏهن نه ويهه. وهندا ته هارائيندا- نندن ڪندڙن کي ايشور جو سات مؤر نه ملندو پنهنجو فرض نباهيندا ته ڪڏهن نه ڪِرندا، نه ته وچي ڪنهن اوڙاهه ۾ ڪِرندا.

اِنسان جو اِنسان سان دشمني، ڪيڏو نه ارمان تو ٿئي. پکي پسن ۾ ساڃهه آهي. هو پنهنجو پاڻ ۾ پيار سان ڪيڏو نه اُڏامن ٿا.

ان ڪري پاڻ کي وڪارن کان ننگو نه ڪريو. ايشور در آرڏانا ڪريو ته هو توهان جو ڍڪ ڍڪي.

سُر ڏهر ۾ شاهه صاحب به ائين چيو آهي :

”سُر ڪر ستار آئون اُگهاڙي آهيان،
ڍڪئين ڍڪڻ هار ڏيئي پاند پناهه جا.“

(نوٽ : هي ليک مون ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي شاهه جي رسالي جي آڌار تي پنهنجي انداز ۾ لکيو آهي.)

* * *

حقيقت جي سُوجهہ ٻوجهہ عجي.

(٦) عقل، علم، قلم : اِهي ٽيئي نشانيون آهن سمجهہ ۽ سياڻپ جون، وديا جون ۽ سکيا جون ۽ توهان کي علم مليو آهي ۽ قلم بہ هٿ ۾ آهي تہ توهان ايشوري عقل سان سچي علم (وديا) کي ماڻي قلم هلائي زندگيءَ جو حقيقي ليکہ لکي سگهو ٿا. سياڻپ سچ چيو آهي تہ عقل آهي تہ علم آهي علم آهي تہ قلم آهي. اِها ئي آهي محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي سٺي طرز.

(٧) گياني، ڌياني، جواني : گهڻو نہ چئي ٿو روئي ٿو چوان تہ سچي گيانيءَ جي گفتن کي ڌيان سان ٻڌي جوانيءَ جو سچو آنند پرائي سگهو ٿا.

(٨) تقدير، تدبير، تصوير : توهان جي تقدير آهي توهان جي پنهنجي تدبير. پنهنجن ڪرمن سان توهان پنهنجي تقدير- پنهنجي قسمت ٺاهي سگهو ٿا. آدم ڪوشش ۽ ڪرتويہ سان تقدير توهان جي وس ۾ آهي. اِها ئي آهي زندگيءَ جي تصوير جنهن کي توهان تقدير ۽ تدبير سان رنگين ٺاهي سگهو ٿا.

(٩) نزاڪت، شرافت، لياقت : اِهي ٽيئي خاصيتون آهن انسان جي اُوچ چريتر جون. نزاڪت پيري زندگيءَ جون، شرافت سان جيون گذاريو. اِها ئي آهي سچي منش جي لياقت. هڪ ئي طرز جون اِهي نشانيون توهان جي زندگيءَ ۾ مڌر سنگيت پيدا ڪنديون.

(١٠) تن، من، ڌن : اِهي ٽي لفظ هڪ طرز ۾ هڪ ئي ڌُن ۾، هڪ ئي لحظي ۾ چئي سگهجي تن من ڌن.

تن آهي، تندرستي آهي تہ ڌن آهي دولت آهي مگر اِن تن ۽ ڌن جي سچي حفاظت ڪرڻي آهي تہ پنهنجي من جي مدد وٺو. من ئي آهي حواگر ايڪاگر آهي، شانت آهي، ساوڌان آهي تہ آهي توهان

(٢) منهن تي مهڪ، چپن تي مُشڪ، اکين ۾ لُڙڪ : جيون جو سچو لطف، سچو سک ماڻڻ لاءِ اسان کي سرير جي اِنهن ٽن خاصيتن کي گهرائيءَ سان گرهڻ ڪرڻ گهرجي. زندگيءَ جي سفر ۾ جنهن به مقام تي پهچو، توهان جو منهن هميشه مهڪندو رهي. چهرو هميشه چمڪندو رهي. چهري تي اُداسي يا مايوسيءَ جو هڪ به نشان نه هئڻ گهرجي ساڻ ساڻ چپن تي موهيندڙ مشڪ سدا براجمان هجي. اکين ۾ لڙڪ ايندا آهن. اِهي آنسون آهن ڪڏهن خوشيءَ جا ته ڪڏهن غم جا مگر هر حال ۾ چپن تي مشڪ سان اِنهن لڙڪن جي رکوالي ڪريو. لڙڪ ته آهن نماڻائيءَ جا نهنائيءَ جا. دک جا سک جا ساٿي آهن اِهي لڙڪ. مهڪ، مشڪ ۽ لڙڪ اِهي ٽيئي نشانيون آهن عبادت جون. ايشور جي آراڌنا جون. مالڪ جي بندگيءَ جون.

(٣) دعا، ديا، حيا : اِهي ٽيئي لفظ آهن بلڪل ننڍا مگر ٽنهي لفظن جو ارٿ آهي وشال. اِن وشال ارٿ جو مختصر احوال اِهو آهي ته بزرگن جي دعا وٺو. ڪمزورن تي ديا ڪريو ۽ هر قدم تي هر چال ۾ حيا سان هلو. وڏن جي دعا توهان کي دڳه لائيندي. ديا سان دلبر جو درشن. حيا سان حاڪم کي جهڪائيندا.

(٤) داسي، پياسي، سنياسي : داسي نماڻيءَ جي مورتي آهي. پياسي پريوءَ جي پريم جو ڪانکي آهي ۽ سنياسي آهي. پياسي واري جو ايلاشي. سنياسي سنياس وٺي ٿو سنسار کان مگر سنسار ۾ رهي هوُ ايشور جو عاشق آهي. نماڻائي ۽ نهنائيءَ سان سنياسي پريوءَ جي پريم جي پياس بجهائي ٿو.

(٥) جيون، جنم، جسم : جنم آهي ته جيون آهي جيون آهي ته جهان آهي. جهان آهي جسم اِن جسم جي توهانکي خوب ديکه ريکه ڪرڻي آهي. اِن جسم ۾ جوش هجي هوش هجي جيون جي

خوابن جو حساب

خواب آهي ننڊ جي نشاني. رات آهي تہ ننڊ آهي، ننڊ آهي تہ خواب آهي. ڏينهن رات جي سفر ۾ اِنسان جي جيون ۾ اِها سپنن جي راند هلندي رهي ٿي- هر روز يا ڪڏهن ڪڏهن. اِنسان رات جي سفر ۾ بند اکين سان سپنن جو اِهو کيل ڏسندو رهي ٿو ۽ ڏسندو رهي ٿو رات جو سپنن جي بارات.

اچو تہ رات جي اِنهن خوابن جو حساب ڪتاب ڪريون ۽ قدرت جي اِن ڪارزاني ۽ جو ڪمال ڏسون. اِنسان جو بدن آهي هڪ استوُل سرير ۽ استوُل سرير ۾ آهي 'سوکيم سرير' جنهن کي اسين آتما تہ چئون يا روح ٿا سڏيون.

هر رات جڏهن اِنسان يا آدمي، ننڊرا ديوي ۽ جي گود ۾ سمهي ٿو، تڏهن اِنسان جو هي سوکيم سرير استوُل سرير کان الڳ ٿي، دوُر آسمان طرف اُڏامندو وڃي ٿو- بلڪل مٿي- هڪ اهڙي لوڪ ۾ جنهن کي هندو فلاسافي ۽ موجب 'پتر لوڪ' چوندا آهن. اُتي هر رات جو اُهي سوکيم سرير، استوُل سرير کان جدا ٿي اُتي گڏجن ٿا، ملن ٿا ۽ جو ڪجهہ درشيہ يا چِٽر هو ڏسن ٿا اُهي خوابن جي روُپ ۾ استوُل سرير ڏسي ٿو. رات جو سوکيم سرير گئس جي ڦوڪڻي (بئلون) وانگر اوچ گگن ۾ اُڏامي وڃي ٿو ۽ سپني جي صورت ۾ اِنسان بند اکين سان ڏسي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو. اُهي منظر ۽ نظارا آهن ننڊا وڏا خواب جي لڳ ڀڳ صبوح جو وسري ٿا وڃن يا اُن کي ياد ڪري نٿا سگهون.

خوابن جا ٻہ قسم آهن- سچا ۽ ڪوڙا. ڪي خواب اسين ڏسندا

جو نن بدن، توهان جو ڏن دولت ٻئي سرڪشت آهن، سالم آهن، قائم
آهن. بس هاڻ توهان زندگيءَ کي نزديڪيءَ سان ڏسي سگهندا.
ته هي بيان آهي مٿين ٽن لفظن جي لباس جو. اِن لباس جي اندر
توهان هڪ ئي طرز ۾ انيڪ سُرَ ٻڌا زندگيءَ جي ساز جا. اِهو ئي ساز
ئي آهي زندگيءَ جي ساز جا. اِهو ساز ئي آهي زندگيءَ جو آواز
جنهن زندگيءَ جي راز کي بيراز ڪيو آهي ۽ هاڻ توهان زندگيءَ کي
بلڪل نزديڪيءَ سان ڏسي سمجهي سگهو ٿا.

* * *

ڪنهن جو مانا پتا، مت مائٽ، ڀيڻ ڀائر يا پريمڪا سان اٿل پيار آهي ته اُهو پتر لوڪ ۾ (جنهن کي ڪي سرڳ نرڳ چون ٿا) اُن سان ضرور ملي ٿو- ضرور گڏجي ٿو ۽ اُهو خواب جي شڪل ۾ يا سپني جي عڪس ۾ ننڊ ۾ اُن کي ڏسي ٿو. اُن کي اسين خواب چئون ٿا ۽ اهڙو خوابن جو سلسلو اِنسان جي زندگيءَ ۾ هلندو رهي ٿو.

نه اِهو آهي اسان جي خوابن جو حساب ڪتاب ۽ اِن حساب ڪتاب ۾ اسان سپنن جي فهرست ڏسنداسين ته اسان کي خوابن جا قسم ڏسڻ ۾ ايندا. سپنا جي اسين ڏسون ٿا اُهي ڀيانڪ به هوندا آهن ته منا سپنا به هوندا آهن. ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن وقت اِنسان زندگيءَ جي راهه تي ڪي اهڙا خوفناڪ حادثا يا ڪي اهڙا دل ڏڪائيندڙ افسانا ڏسندو آهي جو ڪيتري وقت تائين هن جي ذهن ۾، دماغ ۾ ڇانئيندا رهندا آهن ۽ اُهي دل ڏاريندڙ قصا هو رات جي ننڊ ۾ وري وري ڏسندو آهي. اُهي آهن ڀيانڪ سپنا، اکين کلڻ کان پوءِ به اُهي خوابن جا نظارا محسوس ڪندو رهندو آهي.

ساڳي طرح اِنسان منا سپنا به ڏسندو آهي- ڏينهن ڏٺي جو ڪنهن سان پيار جا واعدا ڪندي، يا دوستيءَ جا دم ڀريندي، ڪجهه دل لڀائيندڙ نظارا ڏسندي، هو رات جي ننڊ ۾ هڪ وار يا بار بار وري ڏسندو آهي ۽ جي مليل جُهليل واقعن جي ڪڙيءَ ۾ پاڻيءَ جي لهرن وانگر ڏسندو رهندو آهي. اُهي آهن منا سپنا.

اِنسان جيون جي سفر ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي تمنا رکي ٿو. ڪيس ڪجهه ملڻ جي، ڪجهه ڪاميابي هٿ ڪرڻ جي آشا رهي ٿي. مگر جڏهن حقيقت جي زندگيءَ ۾ هن کي اِهو سڀ ڪجهه نٿو ملي تڏهن هو خوابن رستي اُنهن کي پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انسان چنتائن جي جار ۾ ڦاسندو آهي ته سپنن رستي خوشيءَ جي تصوير ڏسڻ چاهيندو آهي. جو ڪجهه هن کي حقيقت جي سنسار ۾

آهيون سوچيندي سوچيندي - ٽذريل ٻالهين کي ياد ڪندي ڪندي - اُهي خواب شايد ڪالپنڪ آهن. ڪوڙا آهن- جي خواب وسري ٿا وڃن يا صبوح ياد نٿا ڪري سگهون اُهي آهن سچا سپنا- سوڪيم سرير ۽ استوُل سرير ۾ هڪ تند بنا تار آهي. هر اِنسان ۽ ٻئي اِنسان جي سرير جي وچ ۾ اُها تند بنا تار آهي جا هر اِنسان کي ٻئي اِنسان سان ڳنڍي ٿي- پل اُهو اِنسان دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ يا ملڪ ۾ رهندو هجي. انهن سيني جا سوڪيم سرير (آتمائون) هڪ ٻئي سان اوچ ڳگن ۾ ملن ٿا ۽ اُهي وڻن ٿا خوابن جو روپ- اِها تند بنا تار (Telepathy) هڪ ٻئي کي ڳنڍي خوابن رستي ننڊ ۾ ڏسون ٿا- ملون ٿا.

توهان جاچيو هوندو تہ ڪنهن پُرش جو ڪنهن اِستريءَ سان پريم ٿو ٿئي. ٻنهي جي وچ ۾ اُها اهڙي ڪشش ٿي ٿئي جو هوُ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ اگر ڳڏجي نٿا سگهن تہ رات جي تنهائيءَ ۾، ننڊ جي دؤران هوُ اِن تند بنا تار جي معرفت ننڊ ۾ عاشق وانگر پنهنجي معشوق سان ملي ٿو- ڳالهائي ٿو ۽ اُن جو عڪس اسين ننڊ ۾ ڏسون ٿا جو آهي هڪ خواب جو روپ- اهڙيءَ طرح هرروز يا ڪڏهن ڪڏهن خوابن جو اِهو سلسلو هلندو هلي ٿو.

اِنسان جي سوڪيم سرير ۽ استوُل سرير جي درميان جا اِها تند بنا تار آهي سا اگر ڪنجي ٿي وڃي يا ٽٽي ٿي پوي تہ اُهو سوڪيم سرير استوُل سرير کان جدا ٿي روح يا آتما جو روپ وٺي هميشہ لاءِ مٿي دور ڳگن ۾ ڳئس جي ڦوڪڻي وانگر هميشہ لاءِ اُڏامندو وڃي ٿو جو وري واپس نٿو اچي. اِهو آهي اِنسان جو مؤت ۽ اِهو مؤت بہ آهي اِنسان جي جيون جو خواب. حقيقي خواب!

جڏهن اهڙي اِنسان جو ديهانت ٿو ٿئي تہ اُن جي آتما يا روح مٿي ٻين اهڙن روحن ۽ آتمائن سان وڃي ملي ٿو- ڳڏجي ٿو. اگر ڪنهن جي ماتا يا پتا يا پتي يا مت مائٽ جو موت ٿئي ٿو ۽ اگر

دماغ جي دريءَ مان!

اِنسان جو دماغ آهي سوچ جو ڀانڇو. من آهي ويچارن ۽ ڪلپنائن جو پيڙهو - خيالن جو درپڻ! اهڙي درپڻ ۾ ڏسون ٿا ڪلپنائن ۽ خيالن جا ڪجهہ عڪس، جي روپ وٺن ٿا امرت واڻي سخنن جا چهرا - اچو تہ اسين اُنهن چهرن کي هن مختصر ليکہ ۾ ڏسون، پرکيون ۽ سوچيون!

چهرو ١ : باغ جي گلن ۾ سڳنڌ تہ ضرور هوندي آهي مگر اُن مهڪ سان گڏوگڏ ڪنڊن جي چُڀڻ ضرور ملندي آهي. اِنساني جيون بہ هڪ اهڙو گلستان آهي جنهن ۾ قسمين قسمين خوشبوئدار رنگين گلن هوندي بہ ساڳ ساڳ ڪيترائي تيز ۽ تکا چڀيندڙ ڪنڊا نظر ايندا آهن ۽ اِنسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي گلن جي سڳنڌ ۽ مهڪ وٺڻ سان گڏوگڏ ڪنڊن جو سامنو بہ ڪرڻو پوندو آهي.

چهرو ٢ : ڌاڳو تہ ڌاڳو آهي، مگر ڌاڳي ۾ رنگبرنگي موتي وجهو تہ ٿي موتين جي مالها، جا ڪنهن جي ڳلي جو هار بڻجي ٿي.

پٿر تہ پٿر آهي مگر پٿر کي صاف ڪري اُن مان ڀڳوان جي مورتي بڻائي ڪنهن مندر ۾ رکبو تہ پوڄا لائق ٿي ويندو.

ڪورو ڪاغذ تي ڪوروئي آهي مگر اُن ڪاغذ کي جڏهن لفظن، شبدن يا جملن سان قلمبند ٿو ڪجي تہ تيار ٿئي ٿو هڪ ڪتاب ۽ اُن ڪتاب ۾ لکيل سخنن ۽ وچنن ۽ ويچارن کي پڙهڻ سان من کي سچو سُڪُون ملي ٿو.

چهرو ٣ : سنسار هڪ مهاساگر آهي جنهن کي آهن بہ ڪنارا. اُهي ڪنارا هڪ ٻئي کان دور هوندي بہ هڪ ٻئي کي ڪيڏو نہ ساٿ ڏين

حاصل نه ٿئي، اُهو هو سپنن جي دنيا ۾ هٿ ڪرڻ جي آشا ڪندو آهي. مگر سپنا ته سپنا آهن- خواب ته خواب آهن- مِٿيا آهن.

مگر ڪڏهن سپنا سچ به ٿيندا آهن. مٿي ذڪر ڪيل سوڪيم سرير جي اُڏام جو ورنن ڪيو ويو آهي ته اُهي سوڪيم سرير مٿي ٻين سوڪيم سريرن سان روحن رستي هر رات جو ملندا رهندا آهن، اُن تند بنا تار رستي- اگر اِنسان جي تمنا ۾ طاقت آهي، هن جي آشائن ۾ جوش آهي ته جو ڪجهه حاصلات ڪرڻ ٿو چاهي، ته ننڊ ۾ ڏٺل اُنهن خوابن کي ياد ڪري سگهي ٿو ۽ پوءِ ڪيس محسوس ٿو ٿئي ته سندس سپنا سچا ثابت ٿيندا آهن.

ڪجهه به هجي خواب ته خواب آهي، سپنو ته سپنو آهي. اهڙو ڪو آهي جو ڪڏهن به خواب نه ڏسي، شايد اهڙو ڪونهي. اِهو هڪ سوال آهي جنهن جو جواب آهي خود خواب.

* * *

تلاش ۾ ناڪامياب ٿا رهو ۽ خوشي نٿي ملي پر اُلٽو ڏک جا ڏوجهرا ٿا
ڏسو ـ توهين سڀ پريشان ٿا ٿيو- اُداس ۽ ناڪام ٿا رهو. دنيوي ڌن
ڪمايو ٿا تہ سمجهو ٿا تہ توهين شاهوڪار آهيو- مالدار آهيو. مگر
جڏهن اهو مال خزانو وڃايو ٿا تہ سمجهو ٿا تہ توهان دکي آهيو- اِهو
ئي آهي توهان جو غلط انومان. اُبتو احساس. سچو سک پدارٿن ۾ نہ
آهي پر پريوءَ کي پائڻ ۾ آهي. ايشور جو در کڙڪايو. پريوءَ در ڳوڙها
ڳاريو تڏهن توهان کي اُتي ئي سک جو سامان ملندو. دک ۽ پيڙا جو
نام نشان نہ رهندو ۽ توهان جو چهرو هميشه ٽجلو ۽ صاف رهندو.

* * *

نا. ها سنسار جا به ڪنارا- غم ۽ خوشي- روئڻ ۽ کلڻ. هار ۽ جيت! غم ناهي ته خوشيءَ جو ڪهڙو ملهه؟ اگر غم نه هجي ته خوشيءَ جي شبه نه پوي- شڪ جي ڪا اهميت نه رهي. گهڻي خوشي غم جو ڪارڻ بڻجي ٿي. غم کان پوءِ جو خوشيءَ ۾ مزو آهي اُن جو ڪوانٽ - مي

کلڻ ۽ روئڻ به سرير جا به مخالف تنوَ آهن. سياءَ ۾ هڪ ٻئي کان الڳ الڳ هوندي به سات سات ڪيڏو نه سفر ڪن ٿا.

کلندي کلندي ڪڏهن روئڻ به ايندو آهي ۽ روئندي روئندي به ڪڏهن کلڻ ايندو آهي. زندگي هڪ راند جو ميدان آهن. اُن راند ۾ جيت به آهي ته هار جو به سامنو ڪرڻو پوندو آهي. مگر ڪڏهن هار ۾ ئي ڪنهن جي جيت آهي ۽ ڪنهن جي جيت ۾ ئي ڪنهن جي هار آهي. غم ۽ خوشي، روئڻ ۽ کلڻ، هار ۽ جيت جو ڪهڙو نه وچتر مختلف ميلاپ!

چهرو ۴ : پنهنجو دکڙو ڏسي مايوس نه ٿيو- ڇو جو انڌيري کان پوءِ سويرو ضرور ايندو. دنيا هڪ اُهو مڪان آهي جنهن ۾ دکن سان گڏ سُکن جو سامان به رکيل آهي. نااُميد نه ٿيءُ، تنهنجي اندر جو انڌيرو ضرور هٽي ويندو ڇو جو ڪارن بادلن ۾ روشنيءَ جي چمڪ ضرور ملندي آهي- آسمان ضرور اوجل ٿيندو ۽ ڪوهڙو، ضرور هٽي ويندو.

هي سڀ اسان جي ڪرمن جو حساب آهي، سنتن جا وچن اسان لاءِ کليل پنن جا ڪتاب آهن. اندر جي آئيني ۾ پنهنجو مُکڙو ڏس، پنهنجو چهرو ڏس- چهري تي دک جا داغ ڏسڻ ۾ ايندا مگر آتمڪ ۽ روحاني علاج سان اِهي داغ ضرور مٽجي ويندا ۽ تنهنجو چهرو بلڪل صاف ۽ سُٿرو رهندو.

چهرو ۵ : توهين سڀ خوشيءَ جي تلاش ٿا ڪريو. پر جڏهن اِن

(۵) ٻوڙهن ٻڌان ٿا اک روئندي آهي،
درد ٻڌان ٿا دل ترڦندي آهي.

(٦) ڪجهه ٻوڙها ٻاريم دلدار منهنجا،
گهر گهر ۾ توکي ڳوليم پيار منهنجا
تو لاءِ هنجون هاريم يار منهنجا
ڪيڏانهن عدم پيدا ٿئين منٺار منهنجا.

(٧) گهر جي آنگڻ ۾ هوائن جي دامن ۾،
وارن کي لهرائيندي هوءَ مُشڪرائڻ لڳي،
مد هوش نگاهن سان مست ادائن سان،
گيت جي مُکڙي کي هوءَ گنگنائڻ لڳي.

(٨) گرم هوائن ۾ ٻه ٺنڍڪ ملي ٿي،
گلن جي ڪنڊن ۾ ٻه مهڪ ملي ٿي.

(٩) دنيا ۾ آيو آهين تہ وڃڻ جو نالو نہ وٺ،
ساندہ هلڻو آهي تہ ويهڻ جو نالو نہ وٺ.

(١٠) مالڪ ٿئي مهربان تہ نہ لهر نہ لوڏو،
جيون جي گاڏيءَ ۾ نہ ٽڪر نہ ڌوڏو.

(١١) ڏک آهي سک سونهن،
هميشه چئو سڀ سُکہ.

(١٢) اکين ۾ خوشي آهي پوءِ ٻه روئن ٿيون،
ندين ۾ پاڻي ناهي پوءِ ٻه وهن ٿيون.

(١٣) رات لنبي آهي سويرو ڪڏهن ايندو،
ننڊ ننڊي آهي انڌيرو ڪڏهن ويندو.

گُلن جون پنکڙيون

(ليکڪ - شاعر ڪشن سينلاڻي جي قلم مان گذريل پنجن سالن ۾ لکيل، ڪيترين اخبارن ۾ ڇپيل شاعرين ۽ اڻ ڇپيل شاعرين جي مُکڙن جو مجموئو)

(هر شاعري، ڪويتا، نظم يا گيت ۾ مُکڙو ۽ انترو هوندو آهي- سرير جي ڇهري وانگر شاعريءَ جو ڇهرو آهي اُنجو 'مکڙو'، جنهن مان توهان نظم يا گيت جو جسم يا انترو محسوس ڪري سگهندا - مون هن انوکي مجموئي ۾ پنهنجين تيار ڪيل شاعرين جا صرف 'مکڙا' پيش ڪيا آهن جنهن مان توهان شاعريءَ جي انترن جي جهلڪ محسوس ڪندا - ۽ توهانکي اِنهن خاص چونديل مُکڙن مان شاعريءَ جو سواد ضرور ملندو.)

شاعريءَ جا مُکڙا

(۱) خوب کلندي کلندي بہ ڪڏهن روئڻ ايندو آ،
پنهنجي رودن تي بہ ڪڏهن کلڻ ايندو آ.

(۲) اکيون روئن ٿيون هر دم هر رنگ ۾،
خوشي هجي يا غم يا هر اُمنگ ۾.

(۳) فرصت ۾ هڪ خيال ملي ٿو،
جواب لاءِ هڪ سوال ملي ٿو.

(۴) ڪورٽن ۾ ڪيسن جو حشر ڏٺم،
مُدتن پٺيان مُدتن جو منظر ڏٺم،
وڪيلن ۽ اصيلن جو اثر ڏٺم،
هيءُ جهونو اِنصاف جو گهر ڏٺم.

(٢٤ اڃو نہ ڪريون جيون جو ھي سفر،
ڪڏھن آھي لنبو نہ ڪڏھن ھي مُختصر.

(٢٥ گيت جو مُکڙو آھي انترو ڪٿي؟
سُر تي صحرو آھي ڇھڙو ڪٿي؟

(٢٦ رات ڏسان تو اھڙا سپنا،
ڪجھ ياد رھن ڪجھ وسريو وڃن،
ھر وقت ٻڌان تو اھڙا گانا،
ڪُجھ ياد رھن ڪُجھ وسريو وڃن.

(٢٧ من درپن ۾ ھڪ عڪس ڏسان تو،
ھِن جيون ۾ ھڪ اَقص ڏسان تو.

(٢٨ روشنيءَ ۾ مون انڌيرو ڏٺو،
شام جو مون سويرو ڏٺو.

(٢٩ سفر تي ھلون ٿا منزل جي خبر ناھي،
ساگر ۾ گھِرون ٿا ساحل جي خبر ناھي.

(٣٠ ڪلبل اکين سان ڪو سپنو ڏسي ٿو،
بند اکين سان ڪو آئينو ڏسي ٿو.

(٣١ اکين ۾ شرارت چپن تي مُسڪراھٽ،
من ۾ گھٻراھٽ ھيءَ ڪھڙي ڪرواھٽ؟

(٣٢ گلن ۾ اڄ مھڪ ڪٿي!
ھوائن ۾ اڄ ٺنڍڪ ڪٿي!
ندين ۾ اڄ وھڪ ڪٿي!
گھٽين ۾ اڄ سڙڪ ڪٿي!

(۱۴) مسافر کي منزل نہ ملي کيڏو نہ مشکل،
خوشيءَ ۾ محفل نہ ملي کيڏو نہ مشکل.

(۱۵) مندر ۾ مورتي نہ هجي تہ مندر کھڙو،
سمندر ۾ ساحل نہ هجي تہ سمندر کھڙو.

(۱٦) تنکي تنکي مان ٺھندو آشيانو،
بوند بوند مان پرجندو پئمانو.

(۱۷) جھت تئي تي شادي جھت طلاق
هي کھڙو قسمت جو نکت-مذاق.

(۱۸) در کولي کو آيو هوُ کير هو؟
نگاھن ڏنو کو سايو هوُ کير هو؟
هوُ تہ دلدار هو منٺار هو،
در کولي جو آيو، هوُ سرجڻھار هو.

(۱۹) پکي کيئن اُڏندو پکن بنان،
وڻ کيئن ڏڏندو پتن بنان.

(۲۰) جنم واري گھر جي اُها گھتي کتي،
گھر واري اڱڻ جي اُها مِٽي کتي.

(۲۱) ننڊ منھنجي آهي خواب کو بيو ڏسي ٿو،
محفل منھنجي آهي شباب کو بيو ڏسي ٿو.

(۲۲) محفل تي ويو کندھر -بھار تي ويو پنجھر،
پل پر هرکو تي ويو بي گھر محل تي ويو کندھر.

(۲۳) اج آکاش مان آيو آهي آواز،
مينھن جي موسم جو ٿيو آهي آغاز.

(۴۳) مونکي سنڌريءَ جي واٽي برابر ياد آهي،
مونکي ڪلامن جي ٻاٽي برابر ياد آهي،
مونکي سنڌي لوڪ ڪهاڻي برابر ياد آهي،
برابر ياد آهي اَلا برابر ياد آهي.

(۴۴) مان نئين صديءَ ۾ طلسم پيو ڏسان،
هر وقت اِنسان جو ظلم پيو ڏسان.

(۴۵) اِنسان هلي ٿو پاڇو پٺيان پٺيان،
جيون هلي ٿو موت اڳيان اڳيان.

(۴۶) چپن تي مسڪراهٽ اکين ۾ شرارت،
من ۾ گهٻراهٽ هيءَ کهڙي دل جي چاهت.

(۴۷) شرابي تون چئو ٿو پيئن جام هربار
زندگيءَ سان چئو ٿو لڙين باربار.

(۴۸) اک آهي دل جي اخبار،
دل جو سارو ڏئي ٿي سماچار.

(۴۹) خنجر ڪٽاري سان پل مار مونکي،
مونکي ترڇي نگاهن سان نہ مار مونکي.

(۵۰) رات گذري ٿي صبح جي اِنتظار ۾،
پروانو مري ٿو شمع جي پيار ۾.

(۵۱) بهار جي هستي آهي پنجهر جي اچڻ تائين،
اِنتظار جي هستي آهي پريتم جي اچڻ تائين.

(۵۲) رات اڃا باقي آهي صبح جو اِنتظار نہ ڪر،
انڌيري ۾ جو ٿيندو رهيو اُنجو اظهار نہ ڪر.

(٣٣) ڇوري جي ڇپن تي ڪهڙو اعتبار،
ڪڏهن ڏڏن ٿا نہ ڪڏهن مُشڪن ٿا.

(٣٤) آنچل ۾ ڇپڙو ڇُپائي وارن کي لهرائي،
اڪيون شرمائي هوءَ هلي آهت جي اوٽ ۾.

(٣٥) بيابان ۾ ڪي نظارا ڏٺم،
ريتيءَ ۾ پاڻي جا فوهارا ڏٺم.

(٣٦) ڪنهنجي خوشنما قسمت کي ڏسي ڪو جَلي ٿو،
ڪنهنجي بدنما مصيبت کي ڏسي ڪو کِلي ٿو،
اِنساني فطرت جوهي ڪهڙو اڻنگو سلسلو
دنيا ۾ قدرت جو هي ڪهڙو ننگو زلزلو.

(٣٧) زندگي ڪيڏي نہ آهي رنگين مگر مختصر،
بلڪل بيمثال خوشحال آهي هر منظر.

(٣٨) نہ منهنجي دل جو قصور نہ منهنجي نظر جو قصور،
قصور آهي تہ صرف منهنجي اندر جو غُرُور.

(٣٩) خوشيءَ جي تلاش ۾ ڪڏهن ملندو آهي غم،
منزل جي تلاش ۾ ڪڏهن ملندو آهي زخم.

(٤٠) پڪي ڪري ٿو تلاش آشياني جي،
پئمانو ڪري ٿو تلاش مئخاني جي.

(٤١) گلن ۾ ڪندن جي چُڀن-جيون ۾ اُلجهن جي گهُٽن،
زندگيءَ جي ڏنڌلي درپن من سدائين آهي بيچئن.

(٤٢) بهار جي موسم ۾ گرمي ٿو ڏسان،
هر اِنسان کي هر وقت زخمي ٿو ڏسان.

(٦٢) هي سڀ آهي پنهنجي ڪرمن جو حساب،
تنهنجي جيون آهي ڪليل پنن جو ڪتاب،
اندر جي آئيني ۾ ڏسي پنهنجو مُکڙو،
مايوس نہ ٿيءُ ڏسي پنهنجو دکڙو.

(٦٣) سمندر ۾ گهرنديں تہ منجهڌار جو ڪر سامنو،
پهاڙن تي چڙهنديں تہ پٿرن جو ڪر سامنو.

(٦٤) روئڻ ۽ رُسڻ ۾ فرق تہ آهي ضرور،
رُلڻ ۽ گهمڻ ۾ فرق تہ آهي ضرور.

(٦٥) احساس بنان هيءَ کهڙي جذبات،
آڪاس بنان هيءَ کهڙي برسات.

(٦٦) غم بنان بہ اکيون روئن ٿيون،
شرم بنان بہ اکيون جهڪن ٿيون.

(٦٧) مهنن بنان بہ هلي ٿو سال،
سُرن بنان بہ مِلي ٿو تال،
سوچڻ بنان بہ مِلي ٿو خيال،
خبرن بنان بہ مِلي ٿو احوال.

* * *

(٥٣) رات بلڪل ڌوري آهي، سويرو اڃا وارو آهي،
سپنن مان واپس اچ، انڌيرو وڃڻ وارو آهي.

(٥٤) رات ڪاري آهي بوتل خالي آهي،
نه ڪو جام آهي نه ڪا پيالي آهي.

(٥٥) اکين جي آنسن جو قسم،
هي ڪنهن جي گناهن جو زخم؟

(٥٦) جتي پيار نه ملي دلدار نه ملي،
اُتي معصوم دل ڀلا ڇا ڪري؟
جتي قرار نه ملي اقرار نه ملي،
اُتي ناڪام دل ڀلا ڇا ڪري؟

(٥٧) چاندني رات آهي چنڊ جو پتو ناهي،
شاديءَ جي رات آهي ڏُلهن جو پتو ناهي.

(٥٨) اڙي اک ! تون ڇوڻي روئين باربار،
گويا پهاڙ تان ڪِري ٿو آبشار.

(٥٩) زهر ڏيئي چئين ٿو ته نه پيءُ
جيون ڏيئي چئين ٿو ته نه جيءُ،
آنسون ڏيئي چئين ٿو ته نه ڪيراءِ،
آگ ڏيئي چئين ٿو ته نه جلاءِ.

(٦٠) جنهن دل ۾ درد ناهي اُها دل آهي خالي،
جنهن محبت ۾ گرمي ناهي اُها محبت آهي متوالي.

(٦١) دنيا آهي هڪ ڪاغذ جو مڪان،
دک سک سان ڀريل تنهنجو دڪان.

آزاد ۽ بي باڪ آهي- زندگيءَ جي آشاوادي پهلوءَ کي خوب اُپاريو اٿو ۽ ڪهاڻين کي سک انت ڏنو اٿو.

بند اکين جا سپنا ته گهڻائي ڏناسين پر کُليل اکين جا سپنا ته واقعي ئي سماج جي هوبهو تصوير دل جي پردي تي اُڪارين ٿيون-هي هٻاءُ سنڌيت جو شل سدا قائم رهي- لکندا رهو پوري جوش اُتساه اُمنگ سان -اِها ئي دُعا هن پيڻ جي اٿو.

(٢) شري کيمن يوُ. مولاڻي-بئراگره
(Shri khiman U.Moolani, Bairagarh)

''...... اوهانجي جذباتي ڪهاڻين جو گلدستو '**کليل اکين جا سپنا**' پهتو- ڪهاڻيون پڙهيون- وڻيون -ائين ٿو لڳي جڻ اِهي ڪهاڻيون توهانجون ڏنل ڪهاڻيون آهن جن کي توهان يادگيرين جي ڌاڳڻ تان لاهي اسان تائين پهچايو آهي-

اوهانکي شاباس لک شاباس هجن جو اوهان اهڙي وقت ۾ جڏهن سنڌي پڙهندڙ ڏينهون ڏينهن گهٽجندا ٿا وڃن، سنڌي ڪتاب ڇپائي رهيا آهيو-

اوهانکي آفرين آهي-''

(٣) پي. پي. ٽهلياڻي -جامنگر
(P. P. Tahliani, Jamnagar)

''**کليل اکين جا سپنا**'' پڙهڻ شروع ڪيم- ختم ڪرڻ کان اڳ اُٿ ۾ نه ڇڏيم - ڇو ته اُن ۾ ڀاشا جي اهڙي سادگي سليس آهي جو من کي موهي ڇڏي جنهن ۾ شبدن جا وڙوڪر ڪونه آهن- منهنجي پتنيءَ چاهه سان پڙهيو آهي- 'ڪمبخت عشق' جو لطف اُهي ماڻي سگهندا جيڪي اُنهي راهه تان گذريا آهن. واقعي دلچسپ نموني ڪهاڻيءَ کي رواني ڏني اٿو-'چند ۾ داغ' ۽ ''ڇهڙي پنيان ڇهڙو''،

پانڪن جا چونڊ انمول خط

(ليکڪ ڪشن سينلاڻي جي تازي رچنا **’ڪليل اکين جا سپنا‘** بابت ڪيترن ئي پانڪن ۽ ودوان ساهتيڪارن جا انمول رايا.)

(منهنجي تازي پيشڪش **’ڪليل اکين جا سپنا‘** ۽ ڪجھ ٻين ڪتابن بابت مونکي اڪيچار خط ۽ فون ڪال آيا آهن -خط تمام دلچسپ آهن. سيني خطن کي هن ننڍي ڪتاب ۾ جڳهه ڏيڻ ڏکيو آهي مگر ڪجھ چونڊ خط جي ليکڪ جي قلم جو آئينو آهن، اُهي مان پانڪن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان -پانڪن جي اِنهن انمول راين منهنجي ساهتيڪ قلم کي مظبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن لاءِ مان سيني جو آڀاري آهيان. ليکڪ)

(١) مس موهني متائي -ڪرول باغ نيو دهلي
(Miss Mohini Matai, Karol Bagh, New Delhi)

”پيارا ڀاءُ شري ڪشن سينلاڻي -مالڪ سائين شل اچا ٻـ وڌيڪ قلم کي طاقت ۽ اُمنگن کي اُڏام بخشيندو رهيوَ جو هن زندگيءَ جي ڳوڙهن مسئلن کي ۽ تمام پيچيدن جا حل حقيقتن جي بنيادتي ڪجھ ڪلپنائن جي آڌار تي عملي جامو پهرائي، دلڪش ڪهاڻين جي روپ ۾ پيش ڪري، سماج ۽ ساهتيہ پريمين لاءِ وندر ورونهن جو اڪٿ خزانو ميسر ڪيو اٿو- توهان جو هيءُ ناياب تحفو ’ڪليل اکين جا سپنا‘ بيشڪ تمام سندر افسانن جو ڳٽڪو دلچسپ تہ آهي پر خاص ڪري سنڌيت جي جا سُرهاڻ دل دماغ ۽ روح کي مُطاسر تي ڪري سا لاجواب آهي- ٻولي وڻندڙ، شاعراني ۽ سليس آهي- خيالن جي رواني

(۷) شريمتي پريا ڪيولراماڻي - اجمير
(Shrimati Pribha Kewalramani, Ajmer)

''.... توهانجو جذباتي ڪهاڻين جو گلدستو '**ڪليل اکين جا سپنا**' پڙهيو- پستڪ هڪ ڀيري پڙهڻ سان پيٽ نہ ڀريو بہ ٽي دفعا پڙهيم- توهانکي داد ٿو ڏجي تہ ڪيئن نہ ڪشش ڪندڙ نموني سان ڪهاڻيون لکو ٿا- وري ڪهاڻين جا نالا بہ نئين طريقي سان وڻندڙ دل لڀائيندڙ ڏيو ٿا- پڙهڻ سان آنند پيو اچي- 'چنڊ ۾ داغ' هڪ پوري ناول کي ۱۸ صفحن جي اندر ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيئي تمام سندر سهڻي نموني بيهاريو اٿو.

پنهنجي وڪالت جي ڏنڌي ۾ بہ ٻين وڪيلن کان بلڪل نرالا آهيو 'ڪچهريءَ جي ڪنيري' سان توهانجي رحم دل ڀاونا جو احساس ٿيو- بيشڪ توهان لڪل لال آهيو- ڪهاڻين ۾ 'انڌيري جي اوٽ ۾'، 'ڪمبخت عشق' خاص وڻيون.

قسمت جي ڦرموٽي رواجي گهٽناکي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ سنو موڙ ڏنو اٿوَ- ڪيئن بہ توهانجي ڪلپنائن جو نذرانو پسند آيو.''

(۸) رتنلال گوڏواڻي - جهوناڳڙهہ
(Shri Ratanlal Godhwani, Jhunagarh)

''.... سنڌيت روپي گلستان جو هڪ گل روپي توهانجو لکيل ڪتاب '''هوءَ'' ناول بيحد پسند پيو- اڳ ائين پئي محسوس ٿيو تہ آهستي آهستي سنڌي ٻولي جلد نابود ٿي ويندي مگر توهانجي هن ناول پڙهڻ بعد ائين پيو محسوس ٿئي تہ توهان جهڙا سنڌي شير سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ ۾ ضرور ڪامياب ويندا-

''هوءَ'' ناول پڙهڻ کان پوءِ ڏاڍي خوشي ٿي ۽ توهان لاءِ شُڀ ڪامنا ۽ ايشور در پرارٿنا تہ توهانکي وڏيڪ ڪاميابي ملي ۽ ڦهريون

پيار جو تڪندو بخوبي نيايو آتو ڪهاڻين جو موڙ سڪ انتڪاري آهي جيڪا ليڪڪ جي ڪاميابيءَ جو راز آهي...''

(۴) LIONمر ليڌر ماکيجا - لائنس ڪلب، ڪوبرا، ڇتيسگڙهه
(LION ,Shri Murlidhar Makhija,Kobra,Chatisgarh)

'**مذاق جي جذبات**' تن ڀاشائن ۾ پڙهي خوشي ٿي - ڏاڍي سَرل ڀاشا ۾ گنڀير ڳالهه چوڻ جي خوبي توهان ۾ آهي - ڪتاب جيستائين پڙهي پورو نہ ڪيم - بند نہ ڪري سگهيس - لڳاتار پڙهندو رهيس......''

(۵) ڀائو هيمن نانواڻي -امرت ويلا آشرم، کنڊالا (پوني)
BhauHeman Nanwani,Amritvela,Ashram,Khandala

''.... هڪ ٻيو تحفو '**ڪليل اکين جا سپنا**' مليو - ڌنواد.

توهان جي هرهڪ رچنا هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي رهي آهي - ساهتيہ جي آڪاش ۾ توهانجي چنڊ جو چوڏهون ڪِرتو بہ تجلا ڏيئي رهيو آهي - ڌڻيءَ در پرارٿنا آهي تہ ساهتيہ جي ساگر ۾ توهانجي قلم جو ٻيرو اڃا بہ تکو هلندو...''

(٦) مشهور شاعر شري هري دلگير - آديپور (ڪڇ)
(Famous Poet Shri Hari Dilgir ,Adipur ,Kutch)

''.... توهانجي ڪتاب ''**ڪليل اکين جا سپنا**'' مان صاف ظاهر آهي تہ توهان هوشيار وڪيل بہ آهيو ۽ سپنن جا سوداگر بہ. توهانجي افسانن جي اُٽت نهايت ئي دلچسپ آهي - مبارڪون.

(دوُهو ''سک شانتي ۽ سمپتي پندار پرپور.
قلم اوهانجو شل رهي مستيءَ ۾ مخمور''- دلگير.)

١١) رام ڪُڪريجا - اُلهاسنگر

(Shri Ram Kukreja, Ulhasnagar

''... توهان جو ڪتاب ''**ڪليل اڪين جا سپنا**'' پڙهي پورو ڪيم. ڪهاڻيون ۽ ناول هميشه وانگر دلچسپ واقعن ۽ عجيب اِتفاقن ي ٻڌل آهن. پر هن دفعي توهان جي مذاقي انداز ۾ لکيل ڪهاڻي 'ستين ماڙي وارو'' خاص پسند آئي. توهان جي قانون جي ڪتهري ارن واقعن ۾ ماءُ جي ممتا واري ڪهاڻي خوب اثر ڪيو.

سنڌي ادب ۾ وڪالتي جيون جي آزمودن تي ٻڌل ڪي چڱا ڪتاب هن ان ڪري توهان کي عرض آهي تہ خالص پنهنجي وڪالتي جيون ۾ پيش آيل واقعن تي ٻڌل ڪتاب لکو ڇاڪاڻ تہ چوندا آهن تہ حقيقتون افسانن کان وچتر ٿينديون آهن...''

''پياءُ شري ڪڪريجا صاحب،

مون ڪجهہ وقت اڳ ''فوجداري ڪيسن جي فائيل مان'' ڪتاب ڪيو هو- جو توهان پڙهيو هوندو. اُن ۾ مون ڪيترين ئي ڪيسن عون گهتنائون پيش ڪيون. منهنجين ڪهاڻين جي مجموعن ۾ وهان ڪانہ ڪا ڪهاڻي پڙهندا ''يوئر آنر'' جي عنوان سان جلد سنڌي احوال' هفتيوار اخبار ۾ قسطن ۾ ظاهر ٿي رهي آهي جا قانوني ڪيسن تي ٻڌل هوندي آهي. آڏي پڇا جو اوزا تيار ڪري رهيو آهيان. ميد تہ توهان جي شنڪا ۽ توهان جي خواهش پوري ٿيندي. سڄهاءُ اءِ ڌنيواد- ليکڪ

١٢) تارا ميرچنداڻي - پوني

(Shrimati Tara Mirchandani - Punc

''... ڪتاب ''**ڪليل اڪين جا سپنا**'' پهتو. ڪَوَر پيج تي اکيون ـ نهايت ئي سندر آهن. ڪتاب موتيءَ پڙهيو آهي جو ڪيس تنهنجي

نمبر انعام مليو.....

(٩) ڪشن ونجاڻي - گانڌيڌام
(Kishin Vanjani, Gandhidham)

”دلبر ڪشن سيتلاڻي، ائڪيڊمي هاءِ اسڪول، حيدرآباد وارا دوست، نووديالیہ اسڪول ۾ شيوا ڏل وارا ساٿي، توهانجي نئين ڪتاب ”**ڪليل اکين جا سپنا**“ انيڪ دفعا پڙهيم ’ڪمبخت عشق‘ ۾ سنو قلم هلايو اٿو - ڪهاڻين مان ظاهر آهي تہ دنيا ١٩٣٩ کان ڦرندي ڀيئي اچي - اِنساني سياءُ، زندگي، من ماني، غصو، قياس، اچانڪ سياءَ ۾ ڦيرو، هاڻوڪو وقت، ڪهاڻين ۾ سيني جي تورتڪ ڪئي اٿو - شاباس اٿيئي.....“

(١٠) اي. اين. راجاڻي - سنڌونگر
(A.N. Rajani-Sindhunagar)

”... توهان جي نئين سوکڙي ”**ڪليل اکين جا سپنا**“ پڙهيم. احساس آيو تہ ڀرين پهچ ڏيئي پٽ بچايان. ان ۾ آنءُ چو لڃايان.“ ڀرين تہ توهان کي ڪيترن ڪتابن لاءِ اِنعام ملڻ لاءِ واڌايون. اِنعام موڪلڻ وارن کي بہ واڌايون. اِنعام جي اهميت مُلهہ ۾ نہ مگر پاوناڻن ۾ سمايل هوندي آهي. ڀرين توهان جي رچنا قانون جي ڪٿهري ۾ پڙهيم. اُن مان توهان جي سنڌي پريم ۽ شيوا جي پروڙ پوي ٿي. قلم جو ڪمال تہ توهان جي رچنائن مان ظاهر ٿئي ٿو. رات جا سپنا بند اکين مان تہ عام آهن - ڪليل اکين جا سپنا آهن ڏينهن جا سپنا. اُهي ورلي ڏسبا آهن - مگر ڪن خاص حالتن ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ سوال پڇبو آهي تہ ”ڏينهن جا سپنا تو ڏسين ڇا؟“ پريم اپرم پار لاءِ عالمن جا الفاظ، ودوانن جا ويچار معلوم ڪرائڻ لاءِ مهرباني....“

لنڊن مان ساھتيڪارن لاءِ ساھتيڪ سڏ

شري بدر سومرو (P.H.D. وديارٿي، لنڊن يونيورسٽي، لنڊن) طرفان ليکڪ شري ڪشن سينلاڻي، وڪيل کي جوابي خط!

لنڊن مان

٧ جنوري ٢٠٠٤

پيارا دادا سائين!

نمستي، حق موجود ۽ جيئي سنڌي ٻولي - جهوليلال تہ ٻيڙا پار!

اوهان جي خط ۾ جيڪو پيار، پاٻوهہ ۽ ٻاجهہ آهي سان هنن اٿين ۽ اُداس لفظن جي محتاج نہ آهي. پرارٿنا جو هي انداز بہ معتبر آهي تہ منهنجو خط اوهان جي چائنٽ چمڻ پيو اچي- ان کي ائين ئي آسيس ۽ آشيرواد ڏجو، جو منهنجو روح رمز ۾ جهومي پوي ۽ سنڌ جاڳي پوي!

سچل سائين چيو آ-

حد ٽپي ھرڪو، لاحد ٽپي پيرُ

سَچوُ، سي فقيرُ، حد لاحد لنگهي ويا.

سائين ڪمل پياسي، تمام وڏو ماڻهو آ، سنڌي ٻوليءَ جي باقاعدي جنگ جو سپاهي آهي. اوهين تہ سنڌي ٻولي جا منهندار ۽ ڪماندر آهيو، اوهان جي خط ۾ جيڪا جواني پئي جهلڪي، تنهن کي لفظن جي چادر ۾ پوڙهو نہ بڻايو، اوهين بلڪل بہ پوڙها نہ آهيو!

ڏاهپ جو هٿيار ۽ قلم جو هٿيار، سيني هٿيارن کان معتبر ۽ مٿاهون آهي. جسماني درد کي ڀي وجهو ٿا تہ ڪتابن جي صورت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو درد اُجاڳر ٿا ڪيو، اوهان جس لهڻي- ڏٺي توهان کي دُکهي حياتي ڏيندو- جنگ جاري رهي- لطيف سائين چيو آ-

لکڻي بيحد پسند آهي. چوي ٿو تہ سنڌي ڇيڏي آهي ۽ هندي ۽
انگريزي اکر اصل اِستعمال ڪونہ ڪري. ڪيترين رچنائن ۽ ڪتابن ۾
هندي ۽ انگريزي اکر ڪم اچي رهيا آهن. خط تڪڙ ۾ ٿي لکان...''

(پيارا پانڪو- خط تہ تمام گهڻي انداز ۾ آيل آهن. سيئي خط
دلچسپ آهن ۽ هرهڪ خط جو انداز پنهنجو آهي ۽ پنهنجي مناس
آهي. سيني خطن جا حوالا هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڏيڻ مشڪل آهي.
مگر مان سيني خطن ۽ راين جي آجيان ٿو ڪريان- انهن راين منهنجي
روح ۾ خوب اُتساهہ ۽ وڌيڪ لکڻ لاءِ جذبو پيدا ڪيو آهي. مگر وڌندڙ
عمر جي تقاضا، اکين جي ڪمزور نظر سبب هاڻ وڌيڪ لکڻ ۾ دقت
پيدا ٿي آهي. اُن هوندي بہ توهان پيارن جي دعا، آسيس ۽ جذبات
سبب مان لکڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس. ڌنيواد. - ليکڪ)

* * *

۽ محبتا واري ھن جذوجھد ۾ ڀرپور سھڪار ڪن ۽ سمنڊ رستي (Sea Mail) ۾ پنھنجا نوان ۽ پراڻا ڪتاب ۽ رسالا ڏياري موڪلين ته انھن کي دنيا جي عظيم لائبررين ۾ جمع ڪرائي - سنڌي ٻوليءَ جو اھو باب روشن ڪريون، جن کي سياستي جبر ۽ بي توجھي ڪارڻ اوندھ وراڻي ويٺي آ- ان ۾ اسان جو ۽ ايندڙ نسلن جو آئيندو محفوظ ٿي سگھندو. اوھان سان فون تي به ڳالھ ٻولھ ٿي - اصل عيدون ٿي ويون. منھنجي طرفان سڄي سنگت سات کي نمستي ۽ سلام چوندا. مون لاءِ ڪوڪم ھجي ته حاضر آھيان. سدائين گڏ، سات سلامت، سنڌ سلامت- موت جو اوسيئڙو رھندو- دعائن سان-

- بدر سومرو

نوٽ : اگر ڪي به ساھتيڪار سڄڻ پنھنجون رچنائون لنڊن يونيورسٽي ۾ شامل ڪرڻ چاھين ته شري بدر سومري جي ھيٺين ائڊريس تي ھن سان لکپڙھ ڪري سگھو ٿا.

سرنامو (Address)

SHRI BASAR SOOMRO (Dpctpral Researcher)
London College of Musis & Media
Thomas Velly University
St. Merry Road, E ALING LONDON (U.K.)
Phone : 0044-07949680931

* * *

''ويهان ڪيتن مان ڪري، ايڏو سور سهي.''

ڌرتيءَ تي پهرين تهذيب سنڌ ۽ اُن جي ٻولي، ڪڏهن ٻه پاتال ۾ نه ويندي- ''سنڌڙيءَ جي ٻيڙي، لڏندي، پر ڪڏهن ٻه نه ٻڏندي.''

اوهان پنهنجي هر ڪتاب جي ڊبل ڪاپي ''Sea Mail'' رستي، سستي طريقي سان اُماڻيو نه اوهان جي ڪتابن جو مڪمل سيٽ نه رڳو برٽش لائبريريءَ ۾ بلڪ ڪانگريس لائبريريءَ ۾/واشنگٽن ۾ ٻه جمع ڪرايون. اوهان ۽ اوهان جي ڪاوشن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي صدين تائين محفوظ ڪرايون. ٻه ڪتاب ''پريم اپرم پار'' ۽ ''وڪرن واري ڪڙهي'' مليا.

اوهان جي ٻنهي ڪتابن کي اکين مان ڪڍيو اٿم، شاندار ڪم آ. ان جذبي سان جاري رکو، ڌڻي توهان کي سگهه ڏيندو. پنهنجي قلم کي دل جي زبان بڻايو- اوهان پنهنجي ''Autobiography'' ضرور لکو- ١٩٤٦ جي زماني جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن بابت ضرور لکو- اُن دؤر جي سياسي ۽ سماجي حالتن تي دل کولي لکو، سنڌ جي جديد تاريخ ۾ اِها شيءِ ڏاڍي اهميت تي رکي- ٻيو نه سنگت سات جو همراهه سنڌ ڏانهن اچڻ وڃڻ ٿئي نه اُن کي ڪتابن جو مڪمل سيٽ ڏيو نه اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشور ۾ جمع ڪرائي- اِهو پنهنجو مشن آ- اِن کي ڪامياب ڪرڻو آ.

ٻيو خاص عرض نه هند جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي ڪتابن بابت اپيل بار بار ڇپجندي رهي آ ۽ مختلف ساهتڪارن پنهنجي ڪالمن ۽ مضمونن ۾ اِن وينتيءَ کي وڏي مان سان ڇاپيو آ- ڪو طريقو ڪڍو، اُنهن جي فوٽو ڪاپي مونکي ڏياري موڪليو!

قلم تازو : دادا سائين!

احمدآباد جي مختلف ويڙهن ۾ سنڌي ساهتڪار ۽ پترڪار رهن ٿا. اوهان پنهنجي طور تي ٻه اُنهن کي چئو نه سنڌي ٻوليءَ جي بقا

With Best Wishes

From

Kamlesh G. Sukhwani

ADVOCATE HIGH COURT

President : Gujarat Sindhi Advocates, Association

1/2, Golden Park Society,
Opp. Gujarat Vidya Pith,
Ashram Road, Ahmedabad-14.

Phone : (R) 27541964
(O) 27540974

Mobile : 9825012535

انڱ ودياءِ انتر آتما جي آواز جي آڌار تي

مرضيءَ مسئلن جو علاج

اگر ڪو للڪار ڪري ته هو بلڪل سگهي آهي. هن ڪي ڪو به ڏک يا ڪو مسئلو يا ڪا تڪليف ناهي ۽ هو سؤ في صدي سُکي آهي ته مان اهو اعتبار نه ڪندس.

هر اِنسان کي، هر گهر ۾ ڪو ننڍو وڏو مرض، ڏک يا تڪليف يا مصيبت ضرور ڏسان ٿو. صرف اُن مرض، مسئلي جو قد بت يا رنگ روپ الڳ آهي.

اهڙي مرض جو توهان کي هڪ علاج ٻڌايان ٿو اهو علاج آهي انڱ وديا (Numerology) جو هڪ نمبر.

ڪنهن گهر جي ننڍي يا وڏي جي جنم تاريخ (Birth date) ڏسو. مثال طور ڪنهن جي جنم تاريخ آهي 11-6-1923 ان تاريخ جي نمبر کي جوڙ ڪري هڪ نمبر ڪڍو 5=3+2 =23 =3+2+9+1+6+1+1 . اوهان جي ڏک جو علاج آهي 5.

هاڻ توهان هر مهني جي 9 تاريخ سمنڊ، ندي، مندر يا اوجل پاڻيءَ ۾ 5 سڪا (Any denomination) ڪنهن به گهر جي وڏي هٿان برابر 7 مهنا سِڪا سَرڻ درياهه ڪريو. مالڪ جي مهرباني سان توهان جو هر ڏک، تڪليف، مسئلو وغيره بلڪل مِٽجي ويندو. آزمائي ڏسو. انڱ وديا ۾ وشواس رکو.

دعائن سان توهان جو:
ڪشن سينلاٽي

With Best Compliments To

AUTHOR

From

Vashi G. Dayalani

of

Leila Arts Emporium

Shop No. F-15,

&

Ajanta Arts & Crafts

Lobby No. 16,
Hotel Oberoi Towers,
Nariman Point,
MUMBAI - 400 021.

With Best Compliments

From

Ram Bulchandani

Advocate High Court

Ph. : (R) 26444743
(O) 26467270

Bulchandani Rahi Associates

Mobile : 9824060113

81, World Business House,
Near Parimal Garden,
Ellise Bridge,
AHMEDABAD - 380 006.

چيٽي چنڊ

(جئہ جهوليلال - جئہ اُڏيرولال)

(بقلم : ڪشن سي. سيتلاڻي، وڪيل، احمد آباد)



چيٽي چنڊ اسان سنڌين جو هڪ اِتهاسڪ ۽ پويتر ڏينهن آهي. اهو شُڀ ڏينهن آهي اسان سنڌين جي نئين سال جو آرنڀ.

چيٽي چنڊ جو اُتسوُ هر سال سنڌي جتي بہ وسيل آهن، هندستان توڙي ٻين ملڪن ۾ خوب ڌام ڌوم سان ملهائيندا آهن. وڪرم سنبت هندو ڪئلينڊر موجب مارچ جو مهنو آهي چيٽ مهني جو نئون چنڊ (   ) چيٽ مهني جي نئين چنڊ جو آرنڀ آهي بهار جي مؤسم جي شروعات سان. بهار جي مؤسم آهي سال جي پهرين مُند. بهار جي مؤسم سان وڻن ٽڻن ۾ مُڪڙيون پئدا ٿينديون آهن ۽ مُڪڙين مان ٽڙندا آهن گلاب جا گُل ۽ ٻيا. جي خاص ڪري ٢٢ مارچ کان ٢٠ اپريل تائين ڦٽندا آهن. اهڙيءَ طرح اسان سنڌين جو نئون سال 'چيٽي چنڊ' بهار جي مؤسم سان آرنڀ ٿئي ٿو. اسين سنڌي وروڻ ديو، (پاڻيءَ جو ديوتا) جي پوڄا سان 'بهراڻو' گُلن ۽ روشنيءَ سان ميلو ملهائيندا آهيون.

هي ميلو اصلي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، جئہ جهوليلال ۽ جئہ اُڏيرولال جي منترن سان ملهائيندا هئاسين ۽ هاڻ سنڌي هندستان يا ٻين ملڪن ۾ وسيل آهن اُتي هو 'چيٽي چنڊ' جو ميلو وڏي چاهہ، چوڄ ۽ شرڌا سان ملهائيندا آهن ڇو تہ اهو اسان جو سنڌيت ڏينهن بہ آهي تہ نئين سال جي شروعات بہ آهي.

With Best Compliments

From



GULAB MALKANI

OF

NEW YORK

(U.S.A.)

نوٽ : شري گلاب ملڪاڻي نيويارڪ (U.S.A.)
جو رهاڪو آهي ۽ هر آرتوار صبوح جو هڪ مڪان
۾ گروباڻي، آساديوار، ڪيرتن، ڀڄن، سان
نيويارڪ جي سنڌين کي گرو نام جو امرت رس
ڏيندو آهي.

واقفيت



ڪشن سيتلاڻي، (وڪيل)
جنم : حيدرآباد (سنڌ) 5-9-1929
لياقت : ايل.ايل.بي. (L.L.B.)

هن جي جيون جوانيءَ کان اڄ تائين سماجڪ پهچان (Social identity) ڪيترن ئي طبقن ۾ گذري آهي.

(١) ١٩٣٦ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ لڳ ڀڳ سورهن سترهن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي سماجڪ سڃاڻپ ساهتيہ سان شروع ڪئي. هو پهرين ساهتيڪار حيدرآباد سنڌ مان هڪ ديش متر هفتيوار اخبار ۾ هو. ”جهرڪي“ جي غيبي پوش ۾ ”گپ شپ گپوڙا“ جي عنوان سان هڪ هفتيوار ڪالم لکندو هو جنهن ۾ هلڪي مذاقي انداز ۾ راجنيتي ٽيڪا ٽپڻي هوندي هئي.

(٢) ١٩٤٧ جي شروعات ۾ هن پنهنجي جگري دوست واشي ديالاڻي (جو اڄ ممبئيءَ ۾ اوبيراءِ شيرٽان جي شاپنگ سينٽر ۾ وڏو واپاري آهي) ۽ تارا ميرچندالڻيءَ (جا اڄ پوني جي هڪ مشهور ليکڪا آهي) سان گڏ هڪ ’وديارٿي‘ هفتيوار اخبار برپا ڪئي جا وديارٿي عالم ۾ چڱي مشهور هئي. اُها اخبار ساڌو واسواڻيءَ جي آسيس سان شروع ٿي.

(٣) ١٩٤٨ جي شروعات ۾ سنڌ جي لڏپلاڻ کان پوءِ هنن وري بمبئيءَ مان وديارٿي اخبار جاري ڪئي. شايد ’وديارٿي‘ ماهوار اخبار هندستان ۾ پرٿويراج ائڪٽر جي آسيس سان پهرين سنڌي مئگزن هئي. مگر ڪن ڪارڻن سبب اُها اخبار بند ٿي ويئي ۽ پوءِ ١٩٤٩ کانپوءِ احمدآباد ۾ وڪالت جي پڙهائي چالو ڪئي.

١٩٥٦ ۾ هن وڪالت شروع ڪئي ۽ جلد ئي فوجداري وڪالت ۾ مشهور ٿي ويو. ڪي تہ هن کي احمدآباد جو رام جيٺملاڻي چوندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ شري رام جيٺملاڻي هڪ مشهور قابل فوجداري وڪيل بمبئيءَ ۾ هو. (تازو لا منسٽر پڻ ٿيو) ٣٠ سالن جي وڪالت جي عرصي ۾ ڪشن سيتلاڻي گجرات سنڌي ائڊووڪيٽ ائسوسئيشن جو سيڪريٽري، پريزيڊنٽ ۽ چيئرمن بہ ٿيو. مگر جلد ئي ٽنگن جي تڪليف ۽ وڏي عمر سبب رٽائرڊ ڪري ١٩٩٨ کان پنهنجي ساهتڪ جُنون کي وري جاري ڪيو. سنڌي ساهتيہ جي شيوا ۾ ڪيترائي ڪتاب لکي لڳ ڀڳ مفت شايع ڪيا. گڏو گڏ هن سنڌي شاعريءَ ۾ پڻ رُچي ڏيکاري ۽ ڪيترن ئي مشهور سنڌي اخبارن ۾ هن جا ليک ۽ ڪويتائون شايع ٿيون. توري ۾ ڪٿي چئجي تہ سيتلاڻي پهرين ماستر (Teacher) پوءِ اداڪار (Actor) پوءِ وڪيل (Lawyer) ۽ هاڻ ليکڪ ۽ شاعر (Writer) آهي اُن کي انگريزيءَ ۾ چوندا آهن(All in one) هڪ بوتل ۾ رنگبرنگي پاڻي.